**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**
سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي

# سرسارنگ خوشي ۽ خوشحالي جي هڪ علامت

# SUR SARANG THE SYMBOL OF HAPPINESS AND PROSPERITY

**Abstract**

Shah Abdul Lateef is a great poet of Sindhi Language. In his poetry we may witness the each and every universal temporal. He is poet of peace and love, humanity and humbleness. His poetry is consisting over 30 Surs. Sur Sarang is one of them. In Sur Sarang Shah Lateef has portrayed the picture of land before and after rain. Rain is ever considered as the symbol of happiness, joy, blissful and prosperity.

In this research article I have explained the modes of seasons specially the rainy weather. I have also focused on the feelings of common people described by Shah Lateef in Sur Sarang.

موجوده دور ۾ سنڌ جي اڪثر علائقن، خاص طور تي درياءَ جي پڇاڙي يا پوڇڙ وارن علائقن ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ به اڻ لڀ آهي ۽ ريگستان ۽ ڪوهستان ۾ ته پاڻي جي سدائين کوٽ رهي آهي، ان ڪري ماڻهن جون اکيون سدائين اڀ ڪي تڪينديون رهنديون آهن ته ڪڏهن ٿو سٺائو واءُ وري ۽ وسڪاري جي مند ٿي شروع ٿئي. هن گرمي جي مند ۾ سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ، اهي جبل هجن يا جهنگ، ٻنيون هجن يا واهڻ ۽ وستيون ، انسان هجن يا حيوان ، فصل هجن يا باغ ، وڻ هجن يا ٻوٽا هر طرف پاڻي جي کوٽ يا ڏڪار جو منظر آهي. ماڻهن ۾ بيوسي، غربت ۽ ڏک جي ڪيفيت ڇانيل آهي جقيقت اها آهي ته سنڌ جي موجوده صورتحال کي مدنظر رکندي شاهه صاحب جو سر سارنگ ڏاڍو ٿو ياد اچي. سر سارنگ علامت آهي سک ۽ شانتي جي ، خوشي ۽ خوشحاليءَ جي ڇاڪاڻ ته جڏهن مينهن پوندو آهي ته هر طرف خوشحالي جو منظر هوندو آهي.

بَـرَ وَنـا، تَـرَ وَنـا، وَنِـيُـون تَـرايُـون؛
پِـرهَ جـو پَـٽـنِ تـيِ، ڪَـنِ وِلـوڙا وايُـون؛
مَـگَـڻَ پَـرِيِـن هَـٽَـڙا، سَـنـگـهـارِيُـون سـايُـون؛
سـاري ڏُهـن سـامُـهِـيُـون، ٻـولايُـون، رانـيُـون؛
ٻـانِـهِـيـون ۽ ٻـايُـون، پَـڪـي سُـنـهَـنِ پـانـهـنـجـي.
(سارنگ1:13 )

" سارنگ سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي مور جي ٻولي . ان کان علاوه هڪ راڳڻي جو بہ نالو سارنگ آهي . جيڪا سنپورڻ راڳ جي قسمن مان هڪ آهي . هن راڳڻي جا سر حقيقي معلوم ٿيندا آهن.

هي راڳ ٻنپهرن جو ڳايو ويندو آهي. شاسترن ۾ هي هڪ پلارو راڳ ڄاڻايو ويو آهي. هندي جي مشهور ڊڪشنري " شبد ساگر" ۾ سارنگ معني ميگهہ، بادل ۽ ڪنوڻ پڻ ڄاڻايل آهي." (1) ڪجهہ عرصو اڳ ميرپور خاص ضلعو (ٿر پارڪر) جي نالي سان سڏبو هو ۽ اجان هي ضلعو ڊويزن نہ ٿيو هو ۽ هن مان وڏيڪ ضلعا ميرپور خاص ، عمر ڪوٽ ۽ ٿرپار ڪر وجود ۾ نہ آيا هئا، ان زماني جي ڳالهہ آهي تہ ٿر پارڪر ضلعي ۾ ٽي سب ڊويزنون هونديون هيون (1) ميرپور خاص (2) نارا ويلي ۽ (3) ٿر ٻن سب ڊويزنن ۾ بئراج يا درياءُ جو پاڻي پهچندو هو باقي هڪ سب ڊويزن ٿر جي ڪجهہ حصي ۾ پاڻي پهچندو هو باقي سڄو ٿر ابر آسري هوندو هو پر هاڻي صورتحال اها وڃي بيٺي آهي جو ميرپور خاص ڊويزن جو ڪجهہ حصو ڇڏي باقي سڄي ڊويزن پاڻي نہ هجڻ سبب برپٽ بيابان ۽ ويراني جو ڏيک ڏيئي رهي آهي، سو کهڙي جي ڪري سڄو فصل تباهہ ٿي ويو آهي ۽ سڄو وايو منڊل پاڻي جي ڪري ڏاڍو متاثر ٿيو آهي . نہ صرف ميرپور خاص پر سڄي سنڌ جي لڳ ڀڳ اها صورتحال آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ هندستان دريائن تي ڊيم ٺاهي پاڪستان جو پاڻي گهٽائي ڇڏيو آهي ، مٿان وري پنجاب جا ڪئنال پاڻي کنيو ٿا وڃن ان ڪري سنڌ شديد بحراني ڪيفيت ۾ آهي ۽ آئنده سالن ۾ شايد صورتحال اجان بہ وڌ خراب ٿئي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ سنڌ جي مختلف علائقن خاص طور ٿر ۽ ڪوهستان ۾ پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ ڊيم ٺاهيا وڃن جيئن اتي پاڻي گڏ ڪجي جيڪو سڄو سال ڪم اچي ، ٻي اهم ڳالهہ آهي تہ ڪوشش ڪري وڌ کان وڌيڪ وڻ پوکجن ۽ ٻيلا لڳائجن ڇاڪاڻ تہ وڻڪاري بہ برسات اچڻ جو باعث بڻجي ٿي.

" ڏنو وڃي ته هر شيءِ لاءِ پاڻي ضروري آهي. جنهن کان سواءِ هر شيءِ ڪو مايل ۾ ميري لڳي ٿي. پاڻي ان جو ميراڻ کي ڌوئي صاف ڪري اڇو اجرو ڪري سهڻو ۽ تازو توانو بنائي ٿو. انهي ڪري هر جيو " ساهوارو " سارنگ کي ساري ٿو. ڌرتي ۽ پاڻي جو رشتو ازل کان آهي. پهريائين هي سڄو سنسار پاڻي ئي هو ۽ پوءِ مالڪ مهر ڪئي ان جي مٿان ڌرتي کي وڇايو. پاڻي ۽ زمين جي ميلاپ سان انساني سماج جو واڌارو ٿئي ٿو انهي ڪري لطيف سائين سارنگ جي مينهن کي مالڪ جي رحمت الاهي سمجهي ڪيس پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ سموئي ڪٺي نروار ڪيو آهي. " (لا)

شاهه صاحب جو فڪر ۾ فلسفو عجيب آهي. پاڻ سارنگ کي مخاطب ٿو ٿئي ۽ ان کي الله تعالي جو واسطو ٿو ڏيئي. ڇاڪاڻ ته ڪيس احساس آهي ته منهنجي ملڪ جا مارو انتهائي ڏکي زندگي گذاري رهيا آهن ان ڪري جيڪڏهن مينهن پوندو ته ستائي ۾ سڪار ٿيندو ملڪ ۾ سک ۾ شانتي جو دور ايندو.

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اچين جي
پاڻ پوڄ پٽن ۾ ارزان ان ڪريج
وطن وسائيج ته سنگهارن سک ٿئي

شاهه صاحب هڪ مشاهداتي شاعر هو ۽ سندن حساس طبيعت هئي نه صرف ماڻهن پر جانورن ۽ پکين جي درد ۾ مشڪلات کان واقف هو. ان ڪري سارنگ کي وسڻ جي التجائون ٿو ڪري جيئن سيني جا ڏک تڪليفون دور ٿين

سارَنگ کي سارِين، ماڙهُو مِرگه، مينهِيُون؛
آڙِيُون اَبَرَ آسِري، تاڙا تَنوارِين؛
سِپُون جي سَمُوندَ ۾، نَئين سِجَ نِهارِين؛
پَلَرُ پِيارِين، ته سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.
(سارنگ 1:17)

"سر سارنگ ۾ ساوڻ جي منڌائتي مينهن جو مانڌاڻ منديل آهي. مينهن جي پالوٽ سان اڃايلن جي اڃ لهي ٿي. مال سڪيو ٿئي ٿو ۽ سانگي سرها ٿين ٿا. پرديس ويل پورهيت وطن ورن ٿا ۽ وڇڙيل جا ميلا ٿين ٿا. مينهن الاهي رحمت آهي ۽ ان حوالي سان هن سر ۾ سنڌ جي سڪار ۽ سڄي جهان جي سک

۽ آبادي لاءِ دعا گهري آهي." شاهه صاحب جي رسالي پڙهڻ سان خبر پوي ٿي تہ پاڻ شاعري ۾ ڪڏهن صلاحون ٿو ڏيئي تہ ڪڏهن ڪنهن ناري جي روپ ۾ بيت ٿو چوي. گهڻو ڪري شاهه صاحب جي شاعري ۾ پاڻ کي هڪ ڪمزور عورت جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. سارنگ ۾ بہ شاهه صاحب هڪ آسائتي عورت جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي، جيڪا دل ۾ هي خواهش رکيو ويٺي آهي تہ مينهن پوندو تہ ان سان گڏ منهنجو محبوب بہ هوئي ايندو.

اج پڻ اميدون، آگـم سنـديون اُپ ۾
ساوڻ پسي سرتيون! سجڻ ساريو مون
آئون آسائتي آهيان، مان پچائـي پـون
گهر تہ گهرجين تون، مند مڙيئي مينهن جي

"گهٽي گهرج، آس ۽ اوسيئڙي بعد عالم جي آهن ۽ ڌرتي جي دانهن جو اگهجڻ، پلر جو پلتجڻ، پٽ پرڻ ۽ انهي عمل کان مايوس نہ ٿيڻ، بلڪ سعي ۽ محنت سان اجايل پون کي سائي ڪرڻ ۽ ڌرت ڏيهہ مان تڙي ڪيڻ جي گڏيل علامت ۽ اهڃاڻ جو نالو سارنگ آهي. ان ۾ سعيو لازمي جز آهي، جئين لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

" سارنگ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي
گـڙيـم تـو گمـان ۾، آيـوئي آيـون
هـاريـن لاءِ هـرجـاءِ ۾، هـاري هـلايو
متان اکين پاکيو، تہ بادل آهي بس ڪي."(4)

سر سارنگ ۾، "وڏ ڦڙن مينهن، پلر جي پالوت، ڪنوڻن جي ڪجڪن، گجگوڙ جي گڙڻ، وڄ جي وراڪن، ڍٽ جي ڍرڻ، پٽ جي پُر ٿيڻ، بادلن جي اوٽ مان سج جي اڌ ايرڻ، وڄ جي واڏايون ڏيڻ، تاڙي جي تنوارن، چيهن جي چهڪڻ، مال جي تاڏ ڪرڻ، سازن، سرندن، سارنگين جي وڄڻ، گاهن جي نڪرڻ، ميهن، ڦنگين، چيڙن ۽ موڪن جو ٿوڪ جي حساب سان ڦٽڻ، ڪٿوري خوشبوئن، ٻانهين ۽ ٻاين جي خوش ٿيڻ، سيجن جي سُرهي ٿيڻ، وصل جي لمحن ۾ هڪ جيتري حياتيءَ جي تمنا ڪرڻ، ماروئڙن جي خوشحالي بيان ڪيل آهي، اتي سنڌ جي سونهن ۽ سک سان گڏ سڄي عالم لاءِ سهنج ۽ سک جي تمنا ڏيکاري پٽائي پنهنجي شاعري ۽ فلسفي کي لامحدود ڪري ڇڏيو آهي. پٽائيءَ جو سڄو

سر سارنگ پوري ميهوڳي منڊ جي تصوير آهي. جنهن ۾ مينهن جي پهرئين ڦڙيءَ جي وسڻ کان گاهن جي ڦٽڻ ۽ مالوندن جي آسودي ٿيڻ جو احوال آهي.”(5)

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَلَ ڳَڙِيا بُرجَنِ سِين،
ساز سارَنگِيُون، سُرَندا، وَڄائي بَرُ چَنگَ،
صُراحِيُون سارَنگَ، پِلِٽِيُون راتِ پَڌامَ تي.
(سارنگ2:5)

شاهه صاحب جي بيتن ۾ نالي وارين سورمين کان علاوه هر قسم جي بيوس لاچار عورت جي ڏکن ۽ تڪليفن کي بيان ڪيو ويو آهي، سر سارنگ ۾ به اهڙي قسم جي عورت جو ذڪر آهي جيڪا پنهنجي ور کان سواءِ اڪيلي گهاري ٿي

ڪانڌ! تنهنجي پانڌ ري، سنجهي سيءَ مران
ڪامل ! ڪپاهن ۾ پيئي نار تران
تاريءَ تون تران، جئن ور وهاڻي وارئين

“شاهه صاحب هن سر ۾ ساري دنيا لاءِ حب جو اظهار ڪيو آهي ۽ ان جي آسودگي لاءِ ڌڻي جي دَر تي سوال ڪيو اٿس. ساڳئي وقت، پنهنجي ساٽيهه سنڌ جي سک لاءِ خاص التجا ڪئي اٿس، سندس دل ۾ جو ساري مخلوق لاءِ درد هو سو هن سر مان آئيني مثل عيان (ظاهر) آهي. غريب ماڻهن جي سک لاءِ هر دم اونو هوس . ڏڪارين ۽ موڏين جي روش تي سندس سيني ۾ دائمي افسوس ۽ ارمان هو ايتري قدر جو هنن جو جهان ۾ هئڻ ئي نه ٿي وڻيس.”(6)

دنيا جي هر شيءَ الله تعالي جي حڪم جي محتاج آهي. بادل يا مينهن به تڏهن وسي ٿو جڏهن ان کي امر ٿئي ٿو. برسات پوڻ سان هر شيءَ خوشي جو اظهار ڪري ٿي سواءِ موڏين جي جيڪي نٿا چاهين ته ماڻهن ۾ خوشحالي هجي، سو ان ڪري شاهه صاحب انهن کي بد دعا ڪئي آهي.

حُڪمُ ٿِيو بادَلَ کي، ته سارَنگَ ساڻَ ڳَجَنِ،
وِڄُون وَسڻَ آئِيُون، تَہ تَہ مِينهَن تِمَنِ،
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙِيو، سي تا هَٿَ هَڻَنِ،
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرهَن ٿِيا، اِئَن تا وَرِقَ وَرَنِ،
ڏُڪارِيا ڏِيَہ منا، شالَ مُوڏي سَڀُ مَرَنِ،

وَرِي وَڏي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳَالِهيُون ڳَنوارَنِ؛
سَيّدُ چوي سَيِنِ، آهِ تَوهِ تُنهنجِي آسِرو.
(سارنگ6:8)

**حوالا :**


1. شوق نواز علي، ڊاڪٽر: "سر سارنگ"، مرتب:- حميد سنڌي،شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه/حيدرآباد 1998 ص،51.
2. محمد ابراهيم سنڌي ص 128 ۽ 129،
3. حوالو ايضا.
4. بلوچ نبي بخش، ڊاڪٽر : " شاهه عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون " : مرتب ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ، ثقافت کاتو ، حڪومت سنڌ 2012ع ص 503.
5. صديقي حبيب الله ڊاڪٽر " سر سارنگ ، مرتب:- حميد سنڌي ، ص 109.
6. شير مهراڻي، ڊاڪٽر، شاهه لطيف جي شاعري ۾ جماليات، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2013ع، ص، 153، 154
7. ڪلياڻ آڏواڻي : "شاهه جو رسالو" ڪانياواڙ اردو بازار ڪراچي 1996 ص 238 .